روزاني
ايڈيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com

(جلد پهريون) اربع 05 اپريل 2023ع بمطابق 14 رمضان المبارک 1444هـ (قيمت 10 روپيا) شمارو 312

وفاقي کابينہ سپريم ڪورٽ جي چونڊن بابت فيصلي کي رد ڪري ڇڏيو

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي کابينہ جي اجلاس ۾ چونڊن بابت سپريم ڪورٽ جي 3 رڪني بينچ جي فيصلي جو جائزو ورتو ويو

اجلاس ۾ اهو فيصلو ٿيو ته سپريم ڪورٽ جو فيصلو اقليتي فيصلو آهي ان کي رد ڪري ٿي. سپريم ڪورٽ جو فيصلو قبول ڪرڻ جهڙو نہ آهي : ذريعا

اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو آهي ته وفاقي حڪومت سپريم ڪورٽ ڪورٽ جي فيصلي تي ايوان ۾ آواز اٺاينديون

اتحادي پارٽين ايوان ۾ سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي ڳالهائيندين، سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي ايوان ۾ حڪومت پنهنجو موقف پيش ڪندي

اتحادي جماعتون ايوان ۾ اعليٰ عدالت جي فيصلي تي تبصرون ڪنديون جڏهن ته حڪومت بہ پنهنجو موقف ايوان ۾ ئي پيش ڪندي

اعليٰ عدالت جو فيصلو اقليتي فيصلو آهي تنهنڪري کابينا ان کي رد ڪري ٿي، سُپريم ڪورٽ جو فيصلو قابل عمل نہ آهي

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي کابينہ سپريم ڪورٽ جي چونڊن بابت فيصلي کي رد ڪري ڇڏيو وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي کابينہ جي اجلاس ۾ اهو فيصلو ٿيو ته سپريم ڪورٽ جي 3 رڪني بينچ جي فيصلي جو جائزو ورتو ويو ذريعن

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي کابينا جو اجلاس ٿي رهيو آهي

سپريم ڪورٽ اليڪشن ڪميشن جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي چڏيو، پنجاب ۾ 14 مئي تي چونڊون ڪرائڻ جو حڪم

اليڪشن ڪميشن جو 22 مارچ جو فيصلو غير آئيني قرار ڏنو وڃي ٿو، صدر عارف علوي طرفان ڏنل تاريخ جو فيصلو بحال ڪيو وڃي ٿو: فيصلي جو متن

آئين ۽ قانون چونڊن جي تاريخ ملتوي ڪرڻ جي تاريخ نٿو ٿئي. 22 مارچ تي اليڪشن ڪميشن فيصلو ڏنو، تڏهن چونڊ عمل پنجين مرحلي تي هو

اليڪشن ڪميشن غير آئيني فيصلو ڪيو ان کي چونڊ شيڊول تي جتان عمل معطل ٿيو هو ان مرحلي کان اڳتي وڌايو وڃي. عدالت پرٽي شيڊول ۾ ترميم ڪندي حڪم ڏنو آهي

10 اپريل تي اميدوارن جا ڪاغذ منظور ڪرڻ يا رد ڪرڻ خلاف اپيلون رٽرننگ آفيسر ٻڌندا، اپيلن تي فيصلا 17 اپريل تائين اڪلايا وڃن

حڪومت 10 اپريل تائين اليڪشن ڪميشن کي 21 ارب روپيا جاري ڪري، اليڪشن ڪميشن 11 اپريل تي فنڊ ملڻ بابت عدالت ۾ رپورٽ پيش ڪري

اليڪشن ڪميشن پهرين ترجيع طور اهي فنڊ پنجاب ۾ اليڪشن لاءِ خرچ ڪندي، جيڪڏهن ڪي پي ۾ چونڊ لاءِ فنڊ وڌيڪ گهربل آهن تہ ان لاءِ عدالت کي آگاهہ ڪري

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ پنجاب ۽ خيبرپختونخواهہ ۾ چونڊ ملتوي ڪرڻ بابت ڪيس جو فيصلو ٻڌائيندي اليڪشن ڪميشن جي چونڊون ملتوي ڪرڻ واري فيصلي کي ڪالعدم قرار ڏئي ٻنديال فيصلي جي شروعات قرآن پاڪ جي آيت سان ڪئي. فيصلو ٻڌائيندي چيف جسٽس جو فيصلي بعد ۾ جاري ڪيو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: اليڪشن جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏيندڙ سپريم ڪورٽ جا جج صاحبان (فائيل فوٽو)

سپريم ڪورٽ فيصلو: پي ٽي آءِ ڪارڪنن جشن ملهائڻ جو اعلان ڪري چڏيو

سپريم ڪورٽ چونڊون ڪرائڻ کي بنيادي آئيني ضرورت قرار ڏنو آهي : فواد چوڌري

اليڪشن ڪميشن کي بنيادي آئيني حق بدلي ڪرڻ جو ڪوبہ اختيار نہ آهي

سپريم ڪورٽ جو فيصلو انصاف ۽ عوام جي وڏي سوچ آهي : ياسمين راشد

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ طرفان پنجاب ۽ خيبرپختونخواهہ چونڊن جي تاريخ بابت ڏنل فيصلي تي پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ رد عمل جو اظهار ڪيو آهي. پٽي طرف پي ٽي آءِ ڪارڪنن اڄ جشن ملهائڻ جو ۽ اعلان ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي ڏنل ڦاهي کي تاريخ عدالتي قتل قرار ڏئي چڪي آهي: آصف زرداري

سپريم ڪورٽ ۾ صدارتي ريفرنس 10 سالن کان پڊٽي جو منتظر آهي

10 سال گذرڻ جي باوجود سپريم ڪورٽ اڃان تائين راءِ ناهي ڏني

اسلام آباد (م ڊ) ب پ جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري چيو آهي تہ ذوالفقار علي ڀٽو شهيد کي ڏنل ڦاهي کي تاريخ عدالتي قتل قرار ڏئي چڪي آهي. پنهنجي هڪ بيان ۾ آصف علي زرداري چيو تہ سپريم ڪورٽ ۾ صدارتي ريفرنس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪراچي: ايڈمنسٽريٽر ڪراچي ڈاڪٽر سيد سيف الرحمان اجلاس جي صدارت ڪندي

تحريڪ انصاف پاران سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي آڇيان

عدليہ آئين جو تقدس بحال ڪندي نظريہ ضرورت کي دفن ڪري چڏيو آهي : قريشي

هاڻي اليڪشن ڪميشن جانبداري ڏيکاري تہ قوم ۽ تاريخ معاف نہ ڪندي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف پنجاب ۽ ڪي پي ۾ اليڪشن بابت سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي فيصلي جي آڇيان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: پاڪستاني ۽ اٽلي جون اختياريون سيڙپڪاري جي حوالي سان ايم او يو تي صحيحون ڪندي

ڪوهاٽ ۾ دهشتگردن جي فائرنگ: 2 پوليس اهلڪار شهيد

ٻئي اهلڪار موٽر سائيڪل تي تراويح نماز لاءِ ڏيوٽي تي وڃي رهيا هئا

ٻنهي شهيد اهلڪارن جا لاش اسپتال منتقل ڪيا ويا

اهلڪارن کي شهيد ڪري چڏيو پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جهڙا اڳواڻ صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن: فريال تالپر

قائد عوام اسان کي سيڪاريو تہ سياسي جنت عوام جي پيرن هيٺان آهي

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ملڪ ۽ قوم لاءِ خدمتن کي عوام ڪڏهن بہ نڪو وساري سگهي

ڪراچي (م ڊ) سنڌ اسيمبلي جي ميمبر ۽ پ پ اڳواڻ فريال تالپر چيو آهي تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جهڙا اڳواڻ صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن، سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي برسي جي موقعي تي چيو آهي تہ هن ايٽمي پروگرام جو بنياد وڌاهن چيو تہ شهيد ڀٽو جي موقعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف سان سعود عرب جو سفير ملاقات ڪندي

ڪراچي ڪن ٽورنٽو ويندڙ آڈام جي اوسلو ۾ ميڊيڪل ايمرجنسي لينڊنگ

پي ڪي 783 ۾ مسافر جي طبيعت خراب ٿيڻ تي ميڊيڪل ايمرجنسي لينڊنگ ڪئي وئي

قومي فضائي ڪمپني جي ترجمان مطابق آڈام دوران سيد جاويد نالي مسافر جي حالت خراب ٿي وئي هئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ڪن ٽورنٽو ويندڙ پي آئي اي جي اڈام پي ڪي 783 کي اوسلو ايئرپورٽ تي ايمرجنسي لينڊنگ ڪرڻي پئي ايمرجنسي ميڊيڪل لينڊنگ سبب اڈام 4 ڪلاڪ منزل کان دير ٿي پي آئي اي ترجمان ٻڌايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: هيوب ٻيبنڪ جي برانچ جي ٻاهران عورتن بينظير انڪم سپورٽ جي پئسن لاءِ لائين ۾ بيٺل آهن

چونڊن بابت سپريم ڪورٽ جي 3 رڪني بينچ جي فيصلي جو جائزو ورتو ويو، ذريعن

خوفناڪ سهولتڪاري ۽ ون مين شو

خلاف سپريم ڪورٽ جي اڪثريت

بغاوت ڪري چڏي آهي : مريم نواز

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ(ن) جي سينئر نائب صدر ۽ چيف آرگنائيزر مريم نواز جو پنجاب ۽ خيبرپختونخواهہ ۾ چونڊن جي حوالي سان سپريم ڪورٽ جي فيصلي ڪان پوءِ رد عمل سامهون آڻي ويو آهي. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ مسلم ليگ(ن) جي چيف آرگنائيزر لکيو تہ اڄ جو فيصلو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

چونڊن بابت سپريم ڪورٽ جي فيصلي سان سياسي ۽ آئيني بحران وڌيڪ سنگين ٿيندو، اعظم نذير تارڙ

3 رڪني بينچ سياسي پارٽين، بارڪائونسلز جي مطالبي جي باوجود فيصلو ٻڌايو

سپني چيو تہ فل ڪورٽ هن ڪيس جو فيصلو ڏئي ها. گڏيل طور تي فيصلو ڪرڻ گهرجي ها

عدالت سرڪلريا ايگزيڪيوٽو آرڊر جي بجاءِ 6 رڪني بينچ جوڙي چڏيو آهي

سپريم ڪورٽ جي فيصلي ۾ سيڪيورٽي ۽ معاشي سان گڏ سياسي ۽ قانوني بحران بہ شامل ڪيا ويا آهن

اسلام آباد (م ڊ) قانون واري وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ چيو آهي تہ چونڊن بابت سپريم ڪورٽ جي 3 رڪني بينچ جي فيصلي تي ڏڪ ۽ افسوس ڪري سگهان ٿو. فيصلي سان سياسي ۽ آئيني بحران وڌيڪ سنگين ٿيندو. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس دوران قانون واري وزير چيو تہ 3 رڪني بينچ سياسي پارٽين، بارڪائونسلز جي مطالبي جي باوجود فيصلو ٻڌايو. سپني چيو تہ فل ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: قانون ورو وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

چيف جسٽس سپريم ڪورٽ جي رجسٽرار کي عهدو نہ چڏڻ جي هدايت ڪري چڏي

اسلام آباد (م ڊ) چيف جسٽس پاڪستان عمر عطا بندیال وفاقي حڪومت طرفان عهدي تان هٽايل سپريم ڪورٽ جي رجسٽرار کي فوري طور تي عهدي تان هٽائڻ کان روڪي چڏيو. گذريل ڏينهن جسٽس قاضي فائز عيسيٰ پاٿ‌ارادو نوٽيس کيس جي فيصلي کي غيرقانوني قرار ڏيڻ جي رجسٽرار سپريم ڪورٽ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

شهيد ڀٽو ريفرنس تي عدالت جو هر فيصلو قبول هوندو: شرجيل ميمڻ

چا شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو قصور اهو هو تہ هن ايٽمي پروگرام جو بنياد وڌو؟

شهيد ڀٽو جي غلطي هئي تہ هن ملڪ کي متحد آئين ڏنو، عدليہ آصف زرداري جي ريفرنس تي چو نہ ٻڌي؟

پيپلز پارٽي عدالت جو هر فيصلو مڃڻ لاءِ تيار آهي : سنڌ سماءُ وارو صوبائي وزير

ڪراچي(اسٽاف رپورٹر) سنڌ جي اطلاعات واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ذوالفقار علي ڀٽو جي برسي جي موقعي تي چيو آهي تہ جيڪڏهن عدليہ ڀٽو ريفرنس ٻڌي تہ پيپلز پارٽي عدالت جو هر فيصلو مڃڻ لاءِ تيار آهي، پنهنجي بيان ۾ شرجيل ميمڻ سوال ڪيو تہ چا شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو قصور اهو هو تہ هن ايٽمي پروگرام جو بنياد وڌاهن چيو تہ شهيد ڀٽو جي غلطي تہ هن ملڪ کي متحد آئين ڏنو، عدليہ آصف زرداري جي ريفرنس تي چو نہ ٻڌي؟ هن سوال ڪيو تہ چا شهيد ڀٽو جي عدالتي قتل جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ٻڌايو وڃي تہ انصاف جي حصول لاءِ ڀٽو خاندان جي وڌيڪ ڪيترن نسلن کي انتظار ڪرڻو پوندو: پرڏيهي وزير

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي مدبراڻي قيادت ۾ پاڪستان سياسي، سفارتي، معاشي، دفاعي ۽ معاشرتي لحاظ کان ڪيترائي سنگ ميل عبور ڪيا

اسان انصاف تي ٻڌل جمهوري نظام جي قيام ذريعي هر پاڪستاني کي اتي، لتي ۽ اچهي جي فراهمي لاءِ جدوجهد جاري رکنداسين

ڪراچي (م ڊ) ب پ چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان جي پهرين چونڊيل وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي عدالتي قتل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ب پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري (فائيل فوٽو)

دهشتگردي ٽوڙ عدالت ٽن ڪيسن ۾ عمران خان جي عبوري ضمانت منظور ڪري ورتي

عمران خان ايڊمن جج عبهر گل جي عدالت ۾ پيش ٿيو

پيشي کانپوءِ عدالت سندس عبوري ضمانت منظور ڪري ورتي

لاهور (م ڊ) لاهور جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت ٽن ڪيسن ۾ عمران خان جي 13 اپريل تائين عبوري ضمانت منظور ڪري ورتي. اي ٽي اي عدالت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ايشيائي ترقياتي بئنڪ پاڪستانين کي ڪٽتيءَ ۾ وجهي چڏيو

پاڪستان جي گروٿ ۾ 0.6 سيڪڙو گهٽتائي ٿي آهي : ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي آئوٽ لڪ رپورٽ

هلندڙ مالي سال جي پهاڙي تائين پاڪستان جي معاشي ترقي جي شرح ۾ سيڪڙو تائين هوندي

گذريل سال پاڪستان ۾ مهانگائيءَ جي شرح 12.2 سيڪڙو هئي، جيڪا هن سال ٻيڻ کان وڌيڪ 27.5 سيڪڙو تائين هوندي

ڪراچي (م ڊ) ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي آئوٽ لڪ رپورٽ موجب هلندڙ مالي سال جي پهاڙي تائين پاڪستان جي معيشت سستيءَ جو شڪار رهندي. ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي آئوٽ لڪ رپورٽ ۾ چيو ويو آهي تہ پاڪستان جي گروٿ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: صوبائي وزير امتياز شيخ اجلاس جي صدارت ڪندي

عدالت ميڊيڪل جي شاگرد کي حافظ قرآن هجڻ تي ڏنل واڌو نمبرن وارو ڪيس 5 منٽن ۾ اڪلائي چڏيو

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ ڪورٽ جي 6 رڪني لارجر بينچ ميڊيڪل جي شاگرد کي حافظ قرآن هڻڻ سبب ڏنل اضافي نمبر ڏيڻ جو پاٿ‌ارادي نوٽيس وارو ڪيس اڪلائي چڏيو. سپريم ڪورٽ پاٿ‌ارادي نوٽيس جي حوالي سان جسٽس فائز عيسيٰ جي فيصلي تي لارجر بنچ جوڙي هئي. جسٽس اعجاز الحسن جي سربراهي ۾ جوڙيل 6 رڪني لارجر بينچ ۾ جسٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پاڪستان پيپلز پارٽي پاران پنجاب جي چونڊن ۾ حصو نہ وٺڻ جو فيصلو

فريال تالپر سينٽرل پنجاب جي سمورن ڊويزن جو زوم اجلاس سياٽي طلب ڪري ورتو

اجلاس ۾ ڊويزنل ۽ ڊسٽرڪٽ صدرن ۽ جنرل سيڪريٽري چونڊ تيارين تي آگاهي ڏيندا : ذريعا

لاهور (م ڊ) ب پ پاران پنجاب ۾ چونڊن ۾ حصو نہ وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. سهرين اڪواڻ فريال تالپر سينٽرل پنجاب جي سمورن ڪورٽ جي فيصلي ڪانپوءِ پارٽي جي سينئر ڊويزن جو زوم اجلاس سياٽي طلب ڪري ورتو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سنڌ جي وڏي وزير جي خاص هدايتن تي ضلعي انتظاميہ ملير پاران بچت بازارن ۽ ٻين مارڪيٽن جو دورو

اسسٽنٽ ڪمشنر ابراهيم حيدري مراد عباسي، اسسٽنٽ ڪمشنر ايئرپورٽ مير محمد ڳاهو بازارن جو دورو ڪيو

سستي بازارن ۾ ڪاڏي پيتي جي شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي کي بہ بهتر ٻڌائڻ ضروري آهي: مراد عباسي

مهانگائي جي ور چڙهيل عوام جي رليف لاءِ اهو سلسلو آخري ڏينهن تائين جاري رهندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير جي خاص هدايتن تي ضلعي انتظاميہ ملير پاران بچت بازارن ۽ ٻين مارڪيٽن جو دورو جاري آهي اسسٽنٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پشاور کان ڪراچي هٿيارن جي وڏي ڪيپ اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام

سي ٽي ڊي جاچ شعبي تيموريہ شيرشاهہ سوري روڊ تي ڪارروائي

هٿيارن جي وڏي ڪيپ اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام ڪري چڏي

ڪراچي (رپورٽر) وفاقي حساس اداري جي مدد سان سي ٽي ڊي پشاور کان ڪراچي هٿيارن جي وڏي ڪيپ اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

احسن اقبال جي پاور چائنا ۽ چائنا روڊ اينڊ برج ڪارپوريشن جي سربراهن سان ملاقاتون

اسلام آباد (بيورو) رٽائرڊي ترقي واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي تہ چين پاڪستان اقتصادي لنگهہ منصوبي پاڪستان ۾ بجلي جي بحران ۾ ضابطو آڻڻ ۾ مدد ڪئي پاڪستان چين سان خاص صنعتي تعاون جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي: ايڊيشنل آءِ جي پوليس جي ٽرانسفر پوسٽنگ ۾ سياسي مداخلت جو الزام

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ايڊيشنل آءِ جي پوليس جي ٽرانسفر پوسٽنگ ۾ سياسي مداخلت جو الزام سامهون آيو آهي. ڪراچي ۾ ايڊيشنل آءِ جي پوليس جي ٽرانسفر پوسٽنگ ۾ سياسي مداخلت جو الزام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

وڪيل جو عدالت ۾ اچڻ تي اعتماد جو اظهار آهي: وڪيل ن ليگ اڪرم شيخ

اسان وڪيل جا ڪاغذ واپس نہ ورتا، اسان کي بينچ تي تحفظات آهن

بينچ جي دائري اختيار تي تحفظات آهن (فاروق ايچ نائيڪ) سياسي پارٽين جو اجلاس ٿي چڪو آهي : جسٽس منيب اختر

48 ڪلاڪن کان قومي پريس ۾ بائيڪاٽ جو اعلان هلي رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) وڪيل ن ليگ اڪرم شيخ چيو تہ عدالتي ڪارروائي جو بائيڪاٽ تہ ڪيو ويو، اسان وڪيل جا ڪاغذ واپس نہ ورتا. اسان کي بينچ تي تحفظات آهن. وڪيل عدالت ۾ اچڻ تي اعتماد جو اظهار ڪن ٿا. فاروق ايچ نائيڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ملڪ ۾ جڏهن مارشل لا هجي تڏهن ئي چونڊون ملتوي ٿي سگهن ٿيون: فواد چوڌري

پاڪستان جا سمورا ججز هڪ ئي ڳالهہ تي متفق آهن تہ جيڪڏهن ملڪ ۾ مارشل لا هجي تہ چونڊون صرف ان ئي صورت ۾ نقيون ٿي سگهن

ٻٽو جوڊوشل آئين ٽوڙيندڙن سان گڏ بيٺل آهي. پاڪستان جي فوج سپريم ڪورٽ جي فيصلي پنيان بيٺل هوندي

نوازشريف ۽ آصف زرداري عوام جي فيصلي آڏو ڪنڌ جهڪائين ۽ ملڪ کي چونڊن طرف وڃڻ ڏين

اسلام آباد(م ڊ) پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي تہ پاڪستان جا سمورا ججز هڪ ئي ڳالهہ تي متفق آهن تہ جيڪڏهن ملڪ ۾ مارشلا هجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

فواد چوڌري ميڊيا سان ڳالهائيندي

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سان انصاف نہ ٿيو: مرتضيٰ وهاب

سنڌ حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي

44 سالن کانپوءِ بہ ڀٽو خاندان انصاف جو انتظار ڪري رهيو آهي

ڪراچي(م ڊ) سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ سنڌ جي قانون واري صلاحڪار بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي تہ 44 سالن گذرڻ باوجود بہ ڀٽو خاندان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

وياج جي شرح ۾ واڌ، تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي وئي

آءِ ايم ايف معاهدي ۾ اڳيرائي لاءِ اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان هڪ مهيني ۾ ٻيو پيرو انٽرسٽ ريٽ ۾ واڌ ڪري چڏي

اسٽيٽ بئنڪ آف شيڊيول ڪان هتي ميٽنگ ڪانپوءِ نئين مانيٽري پاليسي جاري ڪئي

مرڪزي بئنڪ جي مانيٽري پاليسي ڪميٽي جو فيصلي تي چوٽ آهي تہ مهانگائي جو دهاڙ اڃا وڌي ويو

ڪراچي (م ڊ) اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان رياج جي شرح هڪ سيڪڙو وڌائي چڏي. جنهن کانپوءِ آف پاڪستان هڪ مهيني ۾ ٻيو پيرو انٽرسٽ ريٽ ۾ واڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

سون هزارين رپيا مهانگو

ملڪي تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي ويو

ڪراچي (م ڊ) ملڪ ۾ سون جو آڇو تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي ويو آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب اڄ سون جو في تولو 5 هزار رپيا مهانگو ٿيو آهي. جنهن بعد ملڪ ۾ سون جو في تولو 2 لک 14 هزار 5 سؤ رپيا ٿي ويو آهي. اهڙي ريت ڏهہ گرام سون جي قيمت 4 هزار 2 سؤ 88 رپيا واڌ کانپوءِ 1 لک 83 هزار 9 سؤ رپيا ٿي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سنڌ پوليس 12 ڊينهن ۾ 122 مقابلن ۾ سئو کان وڌيڪ ڪرمنل گينگز جو خاتمو ڪري چڏيو

آءِ جي سنڌ کي 20 کان 31 مارچ تائين پوليس جي ڏوهن خلاف ڪارڪردگي جي رپورٽ پيش ڪئي وئي

ڏکڻ زون ۾ 6 پوليس مقابلا ٿيا، جن ۾ 11 ڪرمنل گينگز جو خاتمو ڪيو ويو : رپورٽ

ڪراچي (م ڊ) سنڌ پوليس 12 ڊينهن ۾ 122 مقابلن ۾ 106 ڪرمنل گينگز جو خاتمو ڪري چڏيو، آءِ جي سنڌ کي 20 کان 31 مارچ تائين پوليس جي ڏوهن خلاف ڪارڪردگي جي رپورٽ پيش ڪئي وئي، جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ ان دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

شهيد ڀٽو صدين کان استحصال جي شڪار عوام کي شعور ڏئي استحصالي قوتن کي شڪست ڏني: گيانچند

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو غريب عوام جي حقن خاطر ظالم حڪمرانن سان مزاحمت ڪرڻ جو پيغام ڏنو

اڳوٽي صدر آصف زرداري شهيد ڀٽو جي 73 واري آئين کي بحال ڪري پارليامينٽ جا اختيار بحال ڪيا

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي قتل بابت صدارتي ريفرنس لاءِ وقت ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) اقليتي معاملن واري صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي برسي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

عربي سمنڊ ۾ 26 منٽن ۾ 3 ڀيرا زلزلو

پهريون زلزلو 2 لڳي 34 منٽن تي محسوس ڪيو ويو

ڪلوميٽر هئي. ٻيو زلزلو منجهند 2 لڳي 44 منٽن تي آيو

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) عربي سمنڊ ۾ زلزلي جا 3 لوڙا محسوس ڪيا ويا. آمريڪي جيولوجيڪل سروي موجب پهريون زلزلو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

موسمياتي تبديليون، پاڪستان ۽ پارت ۾ ڪروڙين انسانن تي موت جي تلوار ٽنگيل

ممبئي (م ڊ) پاڪستان ۽ پارت ۾ رهندڙ ڪروڙين انسان موسمياتي تبديلي جي پرائتن نتيجن جو نشانو بڻجي رهيا آهن ۽ هر سال هيٽ ويو سبب پاڪستان ۽ پارت ۾ غريب طبقو سخت متاثر ٿي رهيو آهي. برطانوي رسالي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڏاروشاهه پرسان عورت پاران مڙس تي ٻارقري تشدد ڪرڻ جو الزام

ڳوٺ اسحاق راڄپر واسي عورت ثمينا راڄپر ماڻهن ۾ پاڻ سان ڳالهائي پريس ڪلب پهتي

مونکي ٻچڙو واپس ڏيارو وڃي نه ته پاڻ کي ٽاٽي آڏو باهه ڏئي ساڙي چڏيندس: عورت

مان اهڙي دانهن ڪٽي ٽاٽي تي ڏن آهي، پوليس حد جو جواز بڻائي اين سي ب وڻڻ لاءِ تيار نه آهي

ڏاروشاهه (رپورٽر) ڏاروشاهه پرسان ڳوٺ اسحاق راڄپر واسي عورت جو مڙس تي تيڄ ٻياڪ ٻارڙو فري تشدد ڪري گهران ڪڍڻ جو الزام عورت جو ماڻهن سان گڏ ٽاٽي تي ٻهڪي احتجاج ڪري رهي آهي

ڏاروشاهه: ڳوٺ اسحاق راڄپر واسي ناري ماڻهن سان گڏجي احتجاج ڪري رهي آهي

ڏاروشاهه پرسان ڳوٺ اسحاق راڄپر واسي عورت ثمينا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

گمبٽ پوليس گرفتار ڪيل نوجوان متان فحاشت ڦهلائڻ جو ڪيس داخل ڪري ورتو

گمبٽ (رپورٽ عبدالحي شيخ) گمبٽ پوليس گرفتار ڪيل هندو نوجوان ڪڪو مل متان فحاشت ڦهلائيندڙ خلاف دهشتگردي جا ڪلم 21 پروٽيشن آف اليڪٽرانڪ ڪرائيم ايڪٽ 2016 تحت ڪيس داخل ڪري ورتو. ڏوهن کان معلوم ٿيو آهي پوليس وڊيڪ اهڙيون وڊيوز هٽ پٽ ڪري ورتيون آهن جنهن ۾ وڊيڪ گرفتارين جا امڪان آهن.

مڪلي ۾ اڻڄاتل تخريبڪارن بجلي جي ٽرانسفارمرن تي پٿرن جي برسات شروع ڪري چڏي

اسان پاڻ علاقي ۾ پاڻ جاڳي رات جو پاڻ علاقي جي چوڪيداري شروع ڪري چڏي آهي: رهواسي

سينيئر صحافي مراد خاصخيلي جون رات دير سان اڻڄاتل چور 2 ٻڪريون چوري ڪري فرار ٿي ويا

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) مڪلي حيدري چوڪ تي اڻڄاتل تخريبڪارن رات جي اونداهي ۾ گهرن ۽ بجلي جي ٽرانسفارمرن تي پٿرن جي برسات شروع ڪري چڏي آهي. جنهن ڪري علاقي جي رهواسين جو چوڻ آهي ته علاقي جي جو چوڻ آهي ته هو پاڻ جاڳي رات جو پاڻ علاقي جي چوڪيداري شروع ڪري چڏي آهي ٻي پاسي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سجاول ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 44 هين ورسي ملهائي وئي، ٻيٽا پش

ورسي جي تقريب ۾ پ پ اڳواڻن ايم اين اي سيد ايازعلي شاهه شيرازي، ڊپٽي اسپيڪر سنڌ ريحانه لغاري، هيرسوهو، ارباب وزيرميمڻ ۽ ٻين جي شرڪت

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عوام جي خوشحالي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. هن ملڪ ۾ روزگار جو موقعا پيدا ڪيا: اڳواڻ

32 اسلامي ملڪن جو سربراهه چونڊيو ويو. هن پاڪستان کي خوشحالي طرف گامزن ڪيو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عوام جي خوشحالي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو

سجاول (درٻ) سجاول ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 44 هين ورسي ضلع صدر رئيس محمد علي خان ملڪاڻي جي اڳواڻي ۾ ملهائي وئي. سجي ملڪ جيان سجاول ۾ به شهيد قائد ذوالفقار علي ڀٽو جي 44 هين ورسي ب پ پ ضلع سجاول جو صدر ايم پي اي رئيس محمد علي خان ملڪاڻي جي اڳواڻي ۾ ملهائي وئي، ورسي جي تقريب پ پ آفيس سجاول ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ضلع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪڙ پرسان نامعلوم هٿيار بندن نوجوان کي يرغمال بڻائي موٽر سائيڪل ڦر

ڪڙ (رپورٽ) ڪڙ پرسان نامعلوم هٿيار بندن نوجوان کي يرغمال بڻائي موٽر سائيڪل روڪ رقم ۽ به موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا. ڪڙ ۽ پرپاسي دارا علاقي ۾ بدامني ۽ ڇڪ ڇوريون ۽ ڦرون روز جو معمول بڻيل پوليس نشي واري نڊ ستل امن امان جي صورتحال بگڙيل علاقا ڇوڻ حوالي شهري ۽ گونائا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سجاول: شهيد ذوالفقار کي ورسي تقريب ۾ اڳواڻ ڪارڪن دعا گهري رهيا آهن

مانجهند پرسان هالي مشين جو ليور لڳڻ سبب پورهيت فوت، گهر ۾ ڪهرام انتظاميا غائب

ڳوٺ علي بخش تنگهياڻي جو رهواسي 50 ورهين جو پورهيت عثمان پٽ مصري تنگهياڻي موقعي تي فوت ٿي ويو

مقامي پورهيتن تعلقہ اسپتال مانجهند ڪٽائي پهتا جتي ضروري ڪاغذي ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

فوتي پورهيت بخش تنگهياڻي جي وارثن جي مومل ڪمپني انتظاميا بروقت ڪابه واهر نه ڪري سگهي

مانجهند (رپورٽ:مهراڻ عمراڻي) مانجهند پرسان لاکوا جي مومل ڪوٽلا ڪمپني جي ڪاڻ ۾ ڪوئلو ڪٽڻ دوران هالي مشين جو لوهي ليور لڳڻ جي نتيجي ۾ مانجهند جي ڳوٺ علي بخش تنگهياڻي جو رهواسي 50 ورهين جو پورهيت عثمان پٽ مصري تنگهياڻي موقعي تي فوت ٿي ويو جنهن جي مقامي پورهيتن تعلقہ اسپتال مانجهند ڪٽائي پهتا جتي ضروري ڪاغذي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 44 هين ورسي ملهائي وئي

شهيد جي روح کي ايصال ثواب پهچائڻ لاءِ سوين ماڻهن کي روزي جي افطار ڪرائي ۽ ننگر نياز تقسيم

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عوام جي خوشحالي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. هن ملڪ ۾ روزگار جو موقعا پيدا ڪيا: اڳواڻ

عوام ملڪ کي هلائڻ لاءِ آئين ڏنو پاڪستان ۾ چين جي دوستي جو بنياد به شهيد ذوالفقار علي ڀٽو وڏو: خطاب

نوشهروفيروز (رپورٽ:اسد علي عمراڻي) نوشهروفيروز ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 44 هين ورسي ملهائي وئي ان سلسلي ۾ شهيد جي روح کي ايصال ثواب بهائڻ لاءِ ب پ ب شهيد ڀٽو ضلعي نوشهروفيروز پاران سوين ماڻهن کي روزي جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

پيارو اسٽيشن پرسان ڳوٺ سردار آرائين جي رهواسي پاران احتجاجي مظاهرو

پيارو اسٽيشن (رپورٽر) پيارو اسٽيشن پرسان ڳوٺ سردار آرائين جي رهواسي منير آرائين جو يارهن مهينا اڳ اوطاق تي بيسل چوري ٽيل ٽريڪٽر پوليس واپس نه ڪرائي سگهي پاڻ جو معصوم پاڙون سان پريس ڪلب تي احتجاج انصاف جي گهر ان موقعي تي احتجاج ڪندي منير آرائين صحافين کي ٻڌايو ته يارهن مهينا اڳ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز: شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي ملهائي پٽي وڃي

سيراڻي پرسان نوجوان ڇاهينڊڙ ناري کي گولي هڻي قتل ڪري پاڻ به خودڪشي ڪري چڏي

مقتول ٻئي پاڻ ۾ ماسات هڻا هڪ ٻئي کي ڇاهيندا هئا مقتول ناري جي مائٽن رشتو ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو: ڏريعا

مائٽن ناري گلنازجي ٻئي هنڊ سنگاوتي ڪري چڏي جنهن جي نتيجي ۾ هي ڏکوئيندڙ واقعو پيش آيو آهي

واقعي جو اطلاع ملڻ تي سيراڻي پوليس سرزمين تي پهچي ٻنهي فوتين جا لاش انڊس اسپتال آندو ويو

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) سيراڻي لڳ ڳوٺ منو ترڪ ۾ نوجوان اڪبرپٽ محمد ترڪ بندوق جو فائر ڪري سائس محبت ڪندڙ نوجوان ناري گلناز ڏي شريف ترڪ کي قتل ڪرڻ بعد پاڻ تي بندوق جو فائر ڪري خودڪشي ڪري چڏي معلوم ٿيو ٿيو آهي ته مقتول ٻئي پاڻ ۾ ماسات هڻا هڪ ٻئي کي چاهيندا هئا مقتول ناري جي مائٽن اڪبر ترڪ کي رشتو ڏيڻ کان انڪار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٺٽي پرسان گلمنڊا جي مختلف برادرين ۾ راشن ۽ سامان تقسيم

اسان کي غريب ماڻهن جي خدمت ۽ مدد ڪندي سڪون ملي ٿو: غلام حسين شاهه

هن رمضان جي پلاري مهيني ۾ هوپ ڦور هيومينٽري پاران راشن تقسيم ڪيو ويو آهي

غريبن کي راشن ڊيٽ وار سلسلو جاري آهي. جيئن غريب ماڻهون پريشاني کان بچي سگهن

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) هوپ فار هيومنٽي طرفان رمضان شريف پلاري جي مهيني ۾ يوسي ڪاري گلمنڊا جي مختلف برادرين ملاح، خاصخيلي، جوڪيو، ڪابار ۽ پين برادرين جي 200 سٺو غريب، بي سهارا، مستحق ماڻهن ۾ هوپ ڦور هيومنٽي جي ڪوآرڊينيٽر غلام حسين شاهه پريس ڪلب جنگشاهي جي صدر صحافي عبدالرحيم جوڪيو نثار احمد خاصخيلي ۽ ڪريم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

پيارو اسٽيشن ۾ سيتا سرحٹھارفورم پاران روهڙي کان بند پيل ڪيل ٽرينن جي لاءِ احتجاج

پيارواسٽيشن (رپورٽر) پيارو اسٽيشن ۾ اڄ سيتاسرحٹھارفورم پاران روهڙي کان ڪراچي تائين ٽرين سروس هلائڻ جي لاءِ احتجاجي مظاهرو،احتجاج ۾ اسٽاف' شاگردن' سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ منير احمد سمون' احمد علي جانديو' غوث بخش برهماڻي' غلام حسين پنهور ' /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٺٽو: سماجي تنظيم پاران مستحقن ۾ راشن ورهايو پيو وڃي

ڪنڊرالگ ٽرڪ جوات گاڏي کي ٽڪر، پورهيت فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ باغ بچراهه اسٽاپ پرسان ٽرڪ جوات گاڏي کي پٺيان زوردار ٽڪر لڳو

حادثي ۾ اٺ گاڏو هلائيندڙ پورهيت اسدالله پلهه فوت ٿي ويو ۽ هڪ زخمي ٿي پيا

فوتي جو لاش گهرپهچڻ تي ڪهرام مچي ويو،حادثي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

سڪر(رپورٽ) ڪنڊرالگ ٽرڪ جوات گاڏي کي ٽڪر اٺ گاڏو هلائيندڙ اسدالله پلهه فوت ٿيو هڪ زخمي اسپتال داخل ڪرلڳو سبب اٺ به مري ويو پوليس واقعي واري هند پهچي ٻنهي فوتين جا لاش انڊس اسپتال آندو ويو تحويل ۾ وڻي چڏيو تفصيل موجب ڪنڊرا لگ ڳوٺ باغ بچراهه اسٽاپ پرسان ٽرڪ جوات گاڏي کي پٺيان زوردار ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ اٺ گاڏو هلائيندڙ پورهيت اسدالله پلهه فوت ٿي ويو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، ڊهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

دادو ضلعي ۾ ڪير ٿر جبلن جي دامن ۾ گئس جا نوان ذخيرا دريافت

روزانو 7.8 ملين ڪيوبڪ فوٽ گئس حاصل ڪئي ويندي آهي: پاڪستان پيٽروليم لميٽيڊ

ذخيرن مان حاصل ٿيندڙ گئس جي آمدني جو 70 سيڪڙو پولش آئل اينڊ گئس ڪمپني کي ملندي

دادو(ن سنڌيار) دادو ضلعي جي ڪيرٿر پهاڙي رينج مان گئس جو ذخيرو دريافت پاڪستان پيٽروليم لميٽيڊ ڪمپني ڪراچي جي سيڪريٽري علي جعفر طرفان دادو ضلعي مان گئس جا نوان ذخائر دريافت ٿيڻ جو ليٽر جاري ڪري چڏيو آهي ليٽر جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

عادلپور ويجهو ڳوٺ صالح مهر جي رهواسي پاران احتجاج

بااثر اسان جي گهر تي حملو ڪري عورتن ۽ ٻارن تي تشدد ڪندي پڇ ڌاه ڪئي آهي: پورهيت

بااثر اسان جي گهر جي جاءِ قبضو ڪرڻ چاهين ٿا، نوٽيس وڻي انصاف ڏيارجي: مطالبو

عادلپور(رپورٽ اسلم مهر) عادلپور ويجهو ڳوٺ صالح مهر جي رهواسي شاهنواز مهر پنهنجي امڙ مائي صفيڙ سان گڏجي ڳوٺ جي بااثرن گلو مهر مراد مهر ۽ ٻاڻ مهر ميرا احمد مهر وحيد مهر قربان مهر سائٽ مهر مهرجي مبينا زيادتين خلاف احتجاج ڪندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

عادلپور: ڳوٺ صالح مهر واسي نوجوان پنهنجي امڙ سان گڏجي احتجاج ڪري رهيو آهي

سپريم ڪورٽ جو فيصلو جمهوريت ۽ آئين جي بالادستي لاءِ بهترين آهي: زين شاه

سپريم ڪورٽ پنهنجي فيصلي ذريعي پنهنجو فرض وڏي بهادري سان نپايو آهي

عدالت هن فيصلي مان ثابت ٿئي ٿو ته سپريم ڪورٽ جمهوريت جي حمايت ڪئي

سڪرنڊ (رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي صدر سيد زين شاه سپريم ڪورٽ پاران الليڪشن ڪمشنر جا نوان ڊگهن آئيني مدن جي تشريح ڪرڻ جي فيصلي کي ڪالعدم قرار ڏيڻ ۽ پنجاب اسيمبلي جون چونڊون 14 مئي تي ڪرائڻ جي فيصلي کي ڪالعدم قرار ڏيڻ جي درخواستن تي ٻڌل ڪيس جي ٻڌڻي ڪندي سپريم ڪورٽ جي فل بينچ هڪ ڪلاڪ ۾ فيصلو محفوظ ڪيو ۽ پوءِ ٻڌايو ته فيصلو 14 مئي تي ٻڌايو ويندو. سپريم ڪورٽ پنهنجي فيصلي ذريعي پنهنجو فرض وڏي بهادري سان نپايو آهي. عدالت هن فيصلي مان ثابت ٿئي ٿو ته سپريم ڪورٽ جمهوريت جي حمايت ڪئي آهي. سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي ڪري ملڪ ۾ جيڪا سياسي بحران جي صورتحال پيدا ٿي هئي، اها ختم ٿي وئي آهي. سڀني ڌرين کي سپريم ڪورٽ جي فيصلي کي تسليم ڪرڻ گهرجي. سپريم ڪورٽ جي فيصلي کي تسليم نه ڪرڻ ملڪ کي وڌيڪ عدم استحڪام ڏانهن وٺي ويندو

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر

اربع 05 اپريل 2023ع

پرومينيئس جهڙو هڪ شخص!

اڄ اپريل جي چوٿين تاريخ آهي. اڄوڪي ڏينهن تي جمهوريت جي ان شهيد کي محبتن جا گل ۽ لڙڪن جي پيٽا پيش ڪرڻ جو ڏينهن آهي، جنهن جو 1979ع ۾ عدالتي قتل ڪيو ويو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ملڪ کي متفقہ آئين ڏنو. جنهن سياست کي محلن مان ڪڍي جهوپڙين ۾ آندو. جنهن هن ملڪ جي غريبن کي زبان ڏني، شعور ڏنو، هٿ ڏني، جيڪي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ۽ ان جي پارٽيءَ جي ڏي تي ڏاڍين سان اٽڪي پوندا هئا. جنهن ٽنڊ ملڪ جي باقي بچيل حصي کي دنيا ۾ عزت ڏياري، وقار ڏياريو. مسلم دنيا ۾ اڳواڻيءَ وارو باعزت ڪردار ڏياريو. اسلامي ملڪن جي سربراهي ڪانفرنس جو پاڪستان ۾ انعقاد ممڪن بڻايو. جمهوريت جون بدخواهه قوتون، جيڪي رعيتي راڄ جو سلو سرجڻ ئي نه ڏينديون آهن، انهن ئي راتاهو هنيو ۽ چونديل وزيراعظم جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ان کي هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسي ڏني وئي.

هن ملڪ جي قائم ٿيڻ کان وٺي رعيتي راڄ ۽ عوام جي سگهه کان خائف ۽ خوفزده قوتن جي اها ڪوشش رهندي آئي آهي ته عوامي قوتن جي رستي روڪ ڪجي. ان ڪري ئي انهن هن رياست جا بنياد فلاڻي رياست بدران سيڪيورٽي استيٽ طور رکيا ۽ اها جبر جي پاليسي ئي هئي، جنهن ڪري ملڪ پنهنجي قائم ٿيڻ ڪانپوءِ 24 سال مس جٽاءِ ڪري سگهيو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي باقي بچيل ملڪ کي عزت ۽ توقير ڏياري پر هن ملڪ جي محسن ڪش استيبلشمينٽ ڪيس برداشت نه ڪيو. جنرل ضياءَ 5 جولاءِ 1977ع تي جمهوري حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ۽ لڳ ڀڳ ٻن سالن تائين هن قوم جي اعصابن جو امتحان وٺڻ کانپوءِ ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاسي ڏياري. جنرل ضياءَ 11 سالن تائين هن ملڪ تي ڪاري رات وانگر چانيل رهيو. هن هيروئن ۽ ڪلاشنڪوف ڪلچر کي متعارف ڪرايو. دهشتگرديءَ کي راهداري ڏني. ضياءَ اڄ به هن ملڪ جي جمهوري قوتن لاءِ هڪ ڊيجارينڊ خواب بڻيل آهي. هن جي ڪڏي عمل جا اثر هي ملڪ اڃا صدي گذرڻ باوجود ايان تائين پيو پوڳي ۽ خبر ناهي ته ڪيترو عرصو پوڳيندو رهندو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو چاهي ها سرچاءِ جون هزار صورتون ٺڪري پٽي سگهيون، پر پرومينيئس جهڙي انا واري ان عظيم شخص کنهن به زيوس جي آڏ نه مڃي. هن وقت جي ڪٻاڙخاني ۾ پنهنجي جاءِ جوڙڻ بدران تاريخ جي صفحن ۾ زنده رهڻ کي ترجيح ڏني ۽ سرخرو ٿيو.

ان حقيقت کان انڪار ڪري نه سگهبو ته اسان جنهن ورلڊ آرڊر ۾ رهون ٿا، ان ۾ اهم فيصلا عالمي استيبلشمينٽ ڪندي آهي ۽ مقامي استيبلشمينٽ ۽ ملڪي ادارا گماشتا بڻجي انهن فيصلن جي تڪميل ۽ تعمير ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهن ٿا. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عالمي استيبلشمينٽ لاءِ هميشہ چٽلينج رهيو. ايورسٽ کي ته ڪو سر ڪري سگهي ٿو پر ان شخص جي انا کي فتح ڪرڻ ڪنهن جي به وس ۾ نه هو. ان تي ڪسينجر جي انهن لفظن به ڪو اثر نه ڇڏيو ته، "US will make the "horrible example" of you!"

هو سرڏئي سرخرو ٿيو. ڪيس "عبرتناڪ مثال" بنائڻ جا درڪا ڏينڊ پاڻ "عبرتناڪ مثال" بڻيل آهن. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي قرباني ۾ ملڪ جي جمهوريت پسند قوتن لاءِ وات جي لات بڻيل آهي. هن ملڪ ۾ جمهوريت تي سپ ڪان گهٽو "خرچ" شهيد ڀٽي جي خاندان ۽ ان جي پارٽيءَ جو ٿيو. "ويندي ڏانهن پرين، جتي جات نه پائيان" واري جذبي سان سندس نياڻيءَ ۽ پٽن سندس مشن کي اڳتي وڌايو ۽ جمهوريت خاطر پنهنجا سر قربان ڪيا.

اڄ ڀٽي صاحب جي شهادت جي ڏينهن آهي، جنهن سر لاءِ سوديبازي نه ڪئي، جنهن جلسن ۾ سائفر ڊيڪاري پوءِ آمريڪا جي اڳيان آڙيون نه ڪيون. سرجي خيرات نه ڪهري. هو پنهنجن ۾ پراون جي سازش جو شڪار ٿيو. اڄوڪي ڏينهن تي اسان انتهائي عقيدت ۽ پنل نيشن سان جمهوريت جي ان شهيد کي سلام پيش ڪريون ٿا.

بقايا ٭٭٭ 01

